SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.X OF 2001

سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2001 جي ڊگهي عنوان جي ترميم

Amendment of long title of Sindh Ordinance no. V of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.X OF 2001

سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

[7 فيبروري 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگوليشن ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگولشنز اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن تہ 14 آڪٽوبر واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ڪيل پرووِيزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 مجريہ 1999 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل

ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) ترميم آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2001 جي ڊگهي عنوان جي ترميم
Amendment of long title of Sindh Ordinance no. V of 2001

2. سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنز آرڊيننس، 2001 (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 2001 ۾ جيئن ڊگهي عنوان جي لفظن "ڪجهہ ادارن" جي لفظن جي جاءِ تي "ميڊيڪل جي تعليم ڏيڻ وارا ادارا" لکيو ويندو ۽ ان کي هميشہ جي لاءِ متبادل سمجهيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي